# آواز اخلاق عرف سنڌي پهاڪا

# Voice of Ethics
# Sindhi Proverbs


ڪوڙومل چندن مل کلناڻي



انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن ۽ پڙهڻ مواد لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com



Koaromal Chandanmal Khilnani



Al Muna'um

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

# ڪتاب ۽ ليکڪ بابت

ديوان ڪوڙومل جي لکيل هن ڪتاب جي، گهڻي عرصي کان طلب ۽ تلاش هئي پر ڇاپي صورت ۾ ملي نہ پئي سگهيو. قوي توقع اها پئي رهي تہ شايد ڇاپي ڪتاب هن وقت دنيا ۾ ناپيد ٿي چڪو آهي. هاڻي بس ان بابت فقط ڪتابن ۾ تذڪرو پيو ملندو. شابس هجي سچل ڪاليج نواب شاهہ جي هونهار ليڪچرار جناب محمود ڏاهري صاحب جن کي، جو ڪوڙومل تي ريسرچ جو ڪم هٿ هيٺ سبب، پاڻ سندس بين ڪتابن سان گڏ هيءُ ڪتاب بہ فوٽو ڪاپيءَ جي صورت ۾ هٿ ڪيو اٿائون. نيٽ ذريعي ساڻن ڄاڻ سڃاڻ ٿي هئي. فون تي رابطي بعد ٻڌايائون ۽ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي پڻ ڏياري موڪليائون.

ان ڪتاب جي ڪين فوٽو ڪاپي. علامہ داؤدپوٽو لائبرري حيدر آباد مان هٿ آئي. اهو ڪتاب بنام آوازي اخلاق (پهاڪا) جي نالي سان جريان نمبر ١٧٤ تي رکيل آهي.

ڪرائون سائيز جي ٤٩ صفحن واري هن ڪتاب جو سرورق، جنهن ۾ ليکڪ، ڇپائيندڙ اداري، ڇپيندڙ پريس جو نالو ۽ سال ڄاڻايل هوندو آهي، موجود ناهي. تنهن هوندي بہ منڊ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ڪتاب آوازِ اخلاق آهي ۽ ان جو ليکڪ يا گڏ ڪندڙ ديوان ڪوڙو مل ڪلناڻي(1844ع – 1916ع) آهي.

بهرحال هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي مهيا ڪرڻ تي هيءُ ادارو جناب محمود ڏاهري صاحب جن جو بيحد ٿورائتو آهي.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو.

# پهرئين ڇاپي جو مقدمو

(ڪوڙومل چندنمل کلناڻي)

اصل هر هڪ پهاڪو ڪِئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪِئن ڪم آڻجي تنهنجي لاءِ بيان ڏيڻ جو ارادو هوم. ائين ڪجي ها ته ننڍي وڏي سِيکنهن کي اُنهن جي ڪم آڻڻ جي پوري سڌ پئجي وڃي ها ۽ جئن ڪي ڪي ماڻهو پوري مطلب نه سمجهڻ ڪري بي موقع يا اڻ ٺهندو پهاڪو لکي يا چئي وهندا آهن تيئن نه ڪن ها پر ائين ڪجي ها ته ڪتاب اهڙو وڏو ٿي پوي ها جو غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي ڪين سگهي ها. ۽ هنن پهاڪن کي ڇپائي پڌري ڪرڻ جو جيڪو مطلب آهي سو هٿ ڪين اچي ها. تنهنڪري رڳا پهاڪا لکيا اٿم ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڪجهه سولائي ٿئي تنهن لاءِ اوکن لفظن جي معنيٰ به ڏني اٿم. مگر انهن کي ڪِئن ڪم آڻجي تنهن لاءِ سِيکو پنهنجي خيال ۽ هوش تي هلي.

اڳي به هڪڙو ننڍڙو پهاڪن جو ڪتاب ڇپيل آهي. ان ۾ پهاڪا ٿورڙا آهن ۽ ٻيو هڪڙو پهاڪن جو ڪتاب به ٺهيل آهي پر اُهو اجان ڇپيو ڪين آهي ۽ اُن ۾ به پهاڪا ٿورا آهن. مون اٺ سؤ پهاڪا گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ لکيا آهن. سِيکو هي ڪتاب وٺي سگهي تنهن لاءِ رڳو خرچ ساري ان جي تمام هلڪي قيمت ٺهرائي ويئي آهي.

ڪي پهاڪا جيڪس اُگهاڙا ڏسڻ ۾ ايندا، فحش يعني لفظ ڪَجوڙا يا نا شائستا ڏسڻ ۾ ايندا پر جڏهن پهاڪن جو اهو مطلب آهي ته جنهن ملڪ ۾ اُهي چوڻ ۾ اچن ٿا تنهن جي ماڻهن جي حالت ۽ سڌارو اِنهن مان معلوم ڪجي تڏهين جيئن پڌرا آهن تئن چو نه لکجن. اياڻو چوي سياڻو ويچائي. انهن وانگر سياڻا ۽ سمجهو ماڻهون اِنهن مان صاف داڻا ڪڍي ٿُهَ ڪٽي ڦٽا ڪندا.

پهاڪن جي چونڊ ۽ سٽ ۾ مون پنهنجي وس آهر گهٽتائي ڪا نه ڪئي آهي. پر تنهن ڪندي به هن ۾ پڙهندڙن کي ڪي عيب ڏسڻ ۾ اچن ته وڙ ڪري معاف ڪن ۽ انهن کي سنواري ڇڏين ڇو ته انسان نيٺ خطا جو گهر آهي.

ڪ چ ڪ

# پهاڪا

## الف

1. آزمائي کي آزمائي سو چائي منهن ۾ پائي.
2. اب جو ڏنو نہ پري، رب جو ڏنو پري.
3. اپ ۾ تڪ اڇلائي سو منهن ۾ جهلي.
4. اپ ڦاٽي کي بہ ڪڏهين اڳڙي پيئي آهي.
5. اٽو جي گهوٻاٽو.
6. اٽو ڪاڏو ڪئي مار پيئي ڳابي تي.
7. اٺ جي چاڙهيءَ کي بہ لعنت، لاهيءَ کي بہ لعنت.
8. اٺ پنيان گهنڊڙي.
9. اُٺ جي وات ۾ ڄار جي ٻاس.
10. اُٺ جي وات ۾ زيرو.
11. اُٺ پوڙهو ٿيو تہ بہ مُتڻ نہ سکيو.
12. اٺ ڪراڙو، تہ بہ ٻہ ڪنواٽ لهي.
13. اٺ نہ پڄي، ٻورن هٽي لتون.
14. اٺان ميهان دا ڪيها ميلا، اوهہ چرن پٽ تہ اوهہ چرن ٻيلا.
15. اُٺ جي وات ۾ لوڻ تہ بہ رڙي، ڪنڊ تہ بہ رڙي.
16. اٺ چڙو بہ رڙي، پريو بہ رڙي.
17. اُٺ، پنهنجي مُٽ ۾ ترِڪي.
18. اٺ جي چوري بہ ڪا پَکي ۾ لڪي.
19. اٺ کي لاٽو گهوڙي کي داٽو، مرد کي ناٽو محبوب کي ماٽو.
20. اٺ چڙهئي بہ ڪو نانگ کائي!
21. اٺن جا بار بہ ڪي ڳڏهہ ڪڻن.
22. اٺين پيڙهي، اُٺ ماڪوڙو ماسات.
23. آپ نہ پالي، پالي ڏون، چوهر ڄائو ڏڪان ڏون.
24. اپٽا مال هئي روئسان بہ ڪائسان بہ.
25. اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيويئي.
26. اڄاڻ کي، جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي.
27. اڃا مينهون جهنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رڃ (ڪير ڏهڻ جو ٿانءُ)
28. اڃا جنڊ ڪڍن سسئي.
29. اڃاري پيئندي، چڪياري ڪين پيئندي.
30. اڃا ڪپڙا ڪيسا خالي.
31. اڇي پڳ مَر پس، اندر مڙيئي اگڙيون.
32. اڌ کي ڇڏي سڄيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڌ بہ وڃي.
33. اڌارو ڏجي تنهن کي جنهن ڪان گهرجي نہ، اڌارو ونجي تنهن ڪان، جو گهري نہ.
34. آرڙهہ جي تتي ڏينهن ساوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات شال نہ پوي هنگڻ تات.
35. استاد جي مار چوڪر سنوار.
36. اڪن ڪان ٿو آمان گهري.
37. اک نهيئي ڪا نہ ڪبڙ خان چنڊ ڏنو.
38. اڪرين ۾ مٽا وجهن، سي مهرين ڪان ڪئن ڊڃن.
39. اڳ ڪشا نہ ڪشا پوءِ ڪوڪون ڪن.

40. اڳي به ان هو پوءِ به ٿيو ان، ڪانون ۾ پن ويو اچونئي نڪري.
41. اڳياڙي سُرهي تان جڏهين پڇاڙي سُرهي ٿئي.
42. اڳين پاڻي، پوين چڪا (گپ).
43. اگهه ۾ ڳپ جي سڌ، الله ڪي.
44. اگهه ڪٽيو ڪائجي، وَٽ ڪٽيو نه ڪائجي.
45. اگهائي ته ڪچ نه ته ماٽڪن موت ٿئي.
46. اگر جاڻن، لهر جاڻي.
47. اگرن پيڻي، هٿ ڪارا.
48. آمون، ڏهه گامون (وک).
49. اَن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس.
50. اَن پَلي، ذات پلي.
51. انبان پور، ڪلالان لاها.
52. انبن جون سڪون به ڪي انبڙين مان لهن.
53. اندر اچو نه ڪري، ڏوئي ٿو ڏاڳا.
54. اندر بڌ(ان جي پاڙ جنهن کي ڪٽي غريب ان جي ماني پچائيبندا آهن ) بهون(گهٽو)، پاهر آٽڻ ان جو.
55. انڌ ڌنڌ نگري چرپٽ راجا، ٽڪي سير پاجي ٽڪي سير ڪاجا.
56. انڌ وٺ مند وٺ پر نند وٺ.
57. انڌا رکن روزا، ٽڏهين ڏينهن به ٿين وڏا.
58. انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
59. انڌن آندو، ٻلن چٽيو.
60. انڌن وجي ملتان لڌو آهي.
61. انڌن جي وهاڻءِ، منڊا نچن ٽنڊا پائن ڦيريون.
62. انڌو هنگي ڪُڏ تي، چي: مونکي ڏسي ئي ڪو نٽو.
63. انڌو چوکر لائو ڏوڪڙ ٽڪاڻي جي اُرداس.
64. انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.
65. انڌو اڻ سونهون، ٻئي هڪڙي آچار.
66. انڌو گهري الله کون به اکيون.
67. انڌي اڳيان آهري ڪر ٿئو ٽنگيو آهه.
68. انڌي جي جوءِ جو واهي الله.
69. انڌي پيهين ڪتي چٽي.
70. انسان، خطا جو گهر.
71. اڻ گهريو، ماءُ به پٽ کي ٻبو نه ڏئي.
72. اڻٽيهه راتيون چور جون، ٽيهين رات ته ساڌ جي به آهي.
73. اڻ سرنديءَ هر ڪو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري.
74. اُٽائي به وئي، ٽٽائي به وئي، وري ڪپهه جي ڪپهه.
75. اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڍوئيندا.
76. اُٽندو اها جا ڪوريءَ جي من ۾.
77. اهاري(ڪاٺڻ)، وهنواري(ڏيتي ليتي)، ٽيون گهوٽ مهاري(گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ جي جاءِ) لڄا ڪري ته هاري.
78. آهر ڪٽي اوبٽي، رن وڃائي رنبو.
79. آهر جي وڏائي ڪني پاٽ تي آئي.
80. اها زبان پٽ تي وهاري، اها زبان ڪٽ تي وهاري.
81. آهر جي آسري، جهنگ نه چنائون.
82. اهڙو ڪم ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.
83. اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن چني.
84. اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.

85. آئي ڪي آدر، وئي ڪي جيءُ.
86. آئي ٽانڊي ڪي، بورچياڻي ٿي ويٺي.
87. آئي سڳن ڪي، ڪن ٻه ڪپائي ويئي.
88. آئي ته روچي(روزي)، گئي ته بلا.
89. اياڻو چوي، سياڻو ويچائي.
90. ايڪ پنٿ، دو ڪاج.

## ب

1. بادشاهين پوندي معاملي جتي ڪير ويچاري.
2. باسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر ڳهڻ ڪي اچي.
3. ٻچڙو ڪتو، ڏٽي پرائي.
4. بختاورن جا ڍڳا ٻه ويامن.
5. ٻڙا کهاوڻ ٻڙا دک پاوڻ چوتي ڪا دک دور.
6. بک وڃان اگهڙ ياد ئي نه.
7. بک ٻچڙو تول، دانا ديوانا ڪري.
8. بکيي کي بصر سان روٽي رکيائي سيري ڪان سواد ۾ ڏيڍي سوائي.
9. بندرو ٻڌي سندرو ته وڃي سپ ڪان اگرو.
10. ٻندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي.
11. بي عقل جي بلا دور.
12. بي عقل دوست ڪان داناءُ دشمن چڱو.
13. بيڪار ڪان، بيگار ڀلي.

## پ

1. ٻه پائر، ٽيون ليکو.
2. ٻه تراريون هڪ ڪپ ۾ نه ماپن.
3. ٻه ته ٻارنهن.
4. ٻه شينهن هڪڙي ٻيلي ۾ نه ماپن.
5. ٻه گدرا مٽ ۾ ڪين اچن.
6. ٻابل (پريو مڙس، ڳوٺ جو مکي) آچاري، پر ڪو مڃي.
7. ٻارڻ ڀهون ڪجن ته ٻه رڙا (متر يا مگ جا داڻا جي ڳرن ئي نه) ڪين رجهن.
8. ٻانيڻ ٻکري، در تي ڦڪڙي.
9. ٻائي ٻير، اوائي سير.
10. ٻائي جو ٻائو، ٽيوڻ جو ٽيوڻ.
11. ٻاهران چڪي مکي، اندران ٻڙ ٻڙ دکي.
12. ٻيرن ڪان ٿو ٻير گهري.
13. ٻڌي ماڻهون جو ٻه ٽئي ڏينهن ڏس پوي.
14. ٻڌي ٻيڙيءَ جو لوهه ٻه چڱو.
15. ٻڌي ٻيڙيءَ مان هريڙون ٻه چڱيون.
16. ٻري تيل ڪامي وٽ، واهه ڙي ڏيا واهه.
17. ٻڪري ڪي ساس جي، ڪاسائيءَ ڪي ماس جي.
18. ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي سو وڻ چري.
19. ٻگها (ٻگهه پکي) کوهه ٻجهن ته سپئن ۾ چا سنپجي.
20. ٻليءَ کي خواب ۾ ٻه ڇڇڙا.
21. ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.

22. ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا.
23. ٻن ٻيڙين تي پير رکجي تنهن جون ڄنگهان چيرجن.
24. ٻوڙو ڪلي ٻہ پيرا.

## پ

1. پاڙي ۾ مسواڙ جوڪاٽو ڪونهين.
2. پتين ڪي ٻہ ڪن آهن.
3. پٽ پيئي نہ ڏججي پٽ جي پٽائي پيئي ڏججي.
4. پڄ چريا، مست آيئي.
5. پڇندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾ .
6. پريءَ چنيءَ ڪان، پيري چنو چڱو.
7. پرئي اٺ تان، وچٽي لٿي تہ ٻہ چڱي.
8. پڳڙن ڪاڏي هٿ ڌوتا پيا آهن.
9. پڳو گهڙو ڊئون ڊئون ڪري.
10. پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي.
11. پلي پاڻ آئي، سا ٻہ پلي.
12. پلئي واٽئي گهه گڙ ڪاڌو.
13. پنگان چيز ٻڌن، لنڊي رووي ڪٽڪ ڪون.
14. پنگي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪيفي دي جوءِ ايوين آکي: ماريا هٿ نہ هووي.
15. پينر پنيوران جي پڳيون سي چٺيون.

## ت

1. تاڙي، هڪ هٿي ڪين وڄندي آهي.
2. تِر جي گٽي، سؤ چوٽون ڪائي.
3. تڪڙ ۾ طمع چا ڏجي.
4. تڪڙ، ڪم شيطان جو.
5. تڪڙي ڪتي، انڌا گلر ڄڻي.
6. تڪڙو ماٺهو، ٻہ پيرا هنگي.
7. توڙي وڃي روم، تہ ٻہ ماني ۾ تومر، لکي لوح قلم ۾(نصيب ۾).
8. تون آکيسين(چوندين) مئن نہ مڃيسان، مين ٻازي ڪٽي.
9. تون پؤنڪ ميڪون ننڊرا آوي.

## ٽ

1. ٽڌو گهٽو پاڻ ڪي چانوَ ۾ رکائي.
2. ٽورو ڏسي ارهو نہ ٽجي، گهٽو ڏسي سرهو نہ ٽجي.
3. ٽوري ڪٽئي، گهٽي برڪت.
4. ٽوري گرهين، گهٽو ڪاڇي.

## ٿ

1. ٿنوڻ ڪي ٿارو، ٿازيءَ ڪي اشارو.

## ٿ

1. ٿڙ ڪجي نڪاءُ ڪجي اگلو نہ پڇي تہ پاڻ پڇجي.
2. ٿلهو ٿڙو(گهنڊٽي) وڃي گهٽون
3. ٿونٿ لڳي، ساهيڙي پڳي.

## پ

1. پاپ ڪي مايا، پراڇت جاءِ.
2. پاڻ نہ پاري، ڪتا ڏاري.
3. پاڻ نہ پَلي سسئي، لوڪان متيون ڏئي.
4. پاڻ پنڻ، گهوڙا ڳنهڻ.
5. پاڻي ۾ ٻاھ، تورو ڪري نہ ڄاڻجن.
6. پاڻيءَ ڪان اڳي ڪپڙا نہ لاهجن.
7. پاڻي پي نہ ذات پڇجي.
8. پائجي تہ وڏي ڏيران پائجي.
9. پاهڻ ڪنئرا ها تہ هوند گدڙن کائي ڇڏيا.
10. پٽ نهن تي پاڻي آهي.
11. پٽ پراڻو تہ بہ ڪو جنڊ جو نائو.
12. پُٺ ڪپُٺُ، پينگهي ۾ بہ پڌرو.
13. پٽيندڙئي پيٽ ڪي ويو ڇمارو ڇٽ، هو جو متي ڪٽ سو پڻ پٽي پيٽ ڪي.
14. پڇتا: نہ منجهٽا.
15. پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پُنگو نہ ڊاهجي.
16. پرائي دهلين، احمق نچي.
17. پرائي پلاءُ ڪان، پنهنجو پٽ بہ چڱو.
18. پرائي ڏيو تان ڪارڪ بہ چڱي.
19. پرائيءَ ڏيءَ تان ڏڪو بہ چڱو.
20. پرائي آس: ڪني جي لاس.
21. پرائي پٽ ڪي چمئي گگ پرجي وات.
22. پراڻي ڳوٿري ٻربلا ٽڪا.
23. پرجا سکي تہ راڄا سکي.
24. پرڻ چوي ڏونگهي ڪي: وڃ تہ- تونگا.
25. پڙهي پاڻ نہ ڄاڻي، ماري ڪتابي.
26. پڙهڻ ترڻ تير هٽڻ، چوٿين سواري، ننڍي هوندي نہ سکي، وڏي خواري.
27. پڙهي پارسي وڪڻي تيل، ڏسو هي قسمت جو کيل.
28. پڳ ڪان بتانو ڊگهو.
29. پلا ڇڏي پاپي ڪو ڪتل ڪڳا کائي
30. پلو سيري ڪان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ پلو گوڏا ڪوڙي کاءُ.
31. پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن.
32. پنڻ وڃاڻ پڙهڻ ياد نہ آهي.
33. پنئي مگئي گهر هلي تہ ڪهِ اڏاري وات.
34. پوءِ ڊائي ڪان قرض نہ ڪٽجي توڙي لک لٽائي.
35. پهرين پيٽ پنجو، چوي بار ٻچا سپ پوءِ.
36. پنهنجا دهل، پنهنجا ڏؤنڪا.
37. پنهنجي گهر، ٻلي بہ شينهن.
38. پنهنجي ڪِئي جو، نڪو ويڄ نڪو طبيب.

.39 پنهنجي ڏنئڙي کي ڪير ڪتو نہ چوي.
.40 پنهنجي سوڙ آهر پير ڊگهاڙجي.
.41 پنهنجي توري، پئجي گڏھ کي پيري.
.42 پهير ٿئي چور تہ واهي ڪيترو وهي.
.43 پئنچان نال ايڪا دشي
.44 پيٽ ۾ بک، مونن ۾ چار-اوگرائي.
.45 پيٽ ۾ بک، ارھ ۾ آڪڙ.
.46 پيٽ ڏون پانهين، چنتا ناهين.
.47 پيادن مان هسوار هسوارن مان پيادا.
.48 پيٽ پر، پنيءَ لڌ.
.49 پيٺي پٽ بہ ڪاچ ڪاري.
.50 پير ڪان بہ ويساھ وڏو.

## ق

.1 قاڙهو جاتي ڪائي، اتي اوجهہ ڏئي(مري).
.2 قٽ بجو ڪج، پر گيهہ ذرو ڏج.
.3 قَرَندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هڪ.
.4 قَرَ ڪان اڳي، جر نہ ڪيجي.
.5 قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ.
.6 قل نہ قل جي پاڪري.
.7 قلهر ۾ تو قوڪون ڏئي.
.8 قورو نہ قولهي شال سنئين پئي صراف کي.

## ج

.1 جا بندي کي بار سا صاحب کي ستري.
.2 جاتي وڻ نہ آهي، تاتي ڪانڊيرو بہ درخت.
.3 جاتي ڪير تاتي ڪنڊ، جاتي جهڻ تاتي لوڻ.
.4 جا جائي نہ هوندي سا مرندي ڪٿان.
.5 جاڏي وڃي واڳهو، تاڏي پاڻي تانگهو.
.6 جاڏي پوي جهار(پکين جي گولري) تاڏي گوڙهو نہ هٽي.
.7 جاسين للو(نالو) ڪٽي لٽ، تاسين ڪرھ(جهيڙو) اُجهاڻي.
.8 جاسين ڊائو متو ڪنهي، تاسين بکئي جو متو وڃي.
.9 جا مڙسي مڙسن ۾ سا مارئي ۾ نہ آ.
.10 جاهلن جواب آهي ماٺ مني.
.11 جائين لنگهيا پٽ تہ پٽهن ڏاڙهيءَ موچڙو.
.12 جاءِ چئي تہ جوڙائي ڏس، شادي چوي تہ ڪري ڏس.
.13 جبل سان متو هٽبو تہ نيٺ متو پڃندو.
.14 جتي باھ بري، تتي سيڪ اچي.
.15 جتي اٺ ترندو اُتي پچ بہ ترندو.
.16 جتي پڇڻ ڪم ناھ، تتي پڇڻ ڪم وريام جو.
.17 جتي ويڙها، تتي جهيڙا.
.18 جڏهين تڏهين چورڙاميءَ وهاڻيءَ رات

19. جڏهين آٽر تي سبيا تڏهين گڏهن تي رنو.
20. جڏهين پورا تي سبيا تڏهين اُٺن تي رنو.
21. جڏهين ڏند هئا تڏهين حلوو نہ هو، جڏهين حلوو آهي تڏهين ڏند نہ آهن.
22. جڏهين ڳوهہ کي موت ڪُٽي تڏهين ڳولي شڪارين جا گهر.
23. جر (پاٽي) نئيس جيڏي نہ نئيس.
24. جڙيءَ کي جس.
25. جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن کٽي ڪن هاري.
26. جن جي پلو ۾ داڻا سي چريا ئي سياڻا.
27. جنڊ بي وار، ٻٽ (قلن/ پڳڙن پچڻ جي تئي) بي وار.
28. جنهن اپرنڊي تاءُ نہ ڪيو، سو الهندي چا ڪندو.
29. جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس بہ ڏيندو.
30. جنهن ڪاڻ اڳي هلي ٻيهجي، تنهن سان گڏيو چو نہ وڃجي.
31. جنهين سنڌي منهين (اوطاق)، تنهين جو آچار.
32. جنهنجي ويلا (وقت)، تنهنجي رکيا.
33. جنهن جي هيڪار ڪيائين ڪوڙي تي، تنهين جي ٻيهار سچي ساک نہ وسهان.
34. جنهن جي واٽ نہ وڃجي، تنهن جو پنڌ بہ نہ پڇجي.
35. جنهن جي ساھ ڪنئي ڪل ڪا نہ پوي، تنهن کي سور ڪيهو سلجي. جو سنڌي سمجهي ڪينڪي تنهن سان هندي چا هلجي.
36. جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري تان گهاٽو پري.
37. جنهين ڪاڻ مياس، سي ڪلهي ڪانڊي نہ ٿيا.
38. جنهن جي ماني تنهن جي ڪاني (ڪرامت).
39. جنهن جو ٻڻ ٻچڙو، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي.
40. جنهن جو پيءُ ماءُ جيئرو، تنهنکي چورو ڪيئن چئجي.
41. جو ڊيري ڳنڍ رکپال.
42. جو واءُ جبل اڏائين تنهن جي اڳيان ڪپھ چا آهي.
43. جواريءَ ميني هار.
44. جوا هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو ۽ کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.
45. جوَ پوکي، ڪڻڪ ڪو نہ لڻندو.
46. جو تيرا سو ميرا جو ميرا سو اين اين.
47. جو اُٿي سو ارجن.
48. جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجھ مقام.
49. جهڙا روح، تهڙا ختما.
50. جهڙا ڪانو، تهڙا ٻچا.
51. جهڙو ڏيس، تهڙو ويس.
52. جهڙو منهن، تهڙو موچڙو.
53. جهڙو سمر آپٽو، تهڙو مِٽُ نہ ڪو.
54. جهڙي سٽ، تهڙيون ٿي ويهيون.
55. جهڙي ٻني تهڙو ٻج، تنهنجي سلي پئہ نہ ڏج.
56. جهڙي پت، تهڙو چٽ.
57. جهڙي نيت، تهڙي مراد.
58. جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي.
59. جي پوندا سوڙهين تن لڳندا سيلهہ.
60. جي وسي چيٽ تہ ان نہ ماپي ڪيٽ.
61. جي جڏهين پڳا سي تڏهين چٽا.
62. جي نہ وڃجي پاڻ تہ نينهن نياپي نہ ٿئي.
63. جي جڏهين چڙهيا سي تڏهين سوار.

64. جي گهڙيا، سي چڙهيا.
65. جي هٽن، سي ڪٽن.
66. جي جٽين، سي نپائين.
67. جيءُ خوش تہ جهان خوش.
68. جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.
69. جيڏا ڏوتا، تيڏا پوتا.
70. جيڏو پٽ (ڪشتي جنهن ۾ فقير پنندا آهن)، تيڏي بکيا.
71. جيڏي رات، تيڏو سپنو.
72. جيرو تہ لک جو، مئو تہ ڪک جو.
73. جيري لاءِ ٻڪري نہ کهجي.
74. جيڪا ڏاريان ٻڪري تنهن لمندا ڪن.
75. جيڪي چٻيو، سو ڦٻيو.
76. جيڪي ڏسي چار، سو ڏسي ميؤ (مهاٽو) تہ ڦاٽي مري.
77. جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.
78. جيڪي کوھ ۾ هوندو، سو آهَ (حوض) ۾ پوندو.
79. جيڪي لکيو منجهہ ازل تنهن کي ڪير وجهي جهل.
80. جيڪي هوندو پاڳ ۾ سو وهي پوندو پاڳ ۾.

## ڄ

1. ڄاگرا ۽ ڄار، اگهہ مڙيوئي هڪڙو.
2. ڄاڻي وڃونءَ جو منڊ ہ نہ، هٿ وجهي ناڳن ۾.
3. ڄڀ جي ترڪڻ ڪان، پير جو ترڪڻ چڱو.
4. ڄٽ جي عمر: اڍائي ڪتا.
5. ڄٽ جي جمار: ملوڪ جي رات.
6. ڄٽ ٻکيو موري ڪائي ٻک گهٽيري لائي.

## جھ

1. جهونا ٿيا جهاز سٿون نہ سهن سڙهہ جون.
2. جهونا ڪپڙا ٻوڏا ڍور تسڪا ناٽا ليگيا چور.

## چ

1. چاڪرن جي اڳيان چوڪر.
2. چاڪريءَ چور، نوالي حاضر.
3. چاڪيءَ ڏاند وڄايو، گهمي گهاٽي ڏاري.
4. چت ۾ چوتو، مدعي رد.
5. چٽي ڏاڙهي نانءُ دلبر.
6. چريا چرين ڳڏيا: ادا عيد مبارڪ.
7. چرين جا پور، مٽن جا سور.
8. چرين کهڙا چت، مئن کهڙا مامرا.
9. چريي ڪان پچيائون ڪي چڱو آهي جي ويران وڌ.
10. چريءَ ڪي چوڙو ڪڏهين ٽنگ ۾ ڪڏهين ٻانهن ۾.
11. چغلي آهي جهيڙي جي ماءُ.

12. چڱا سي، جن جا پويان چڱا. چوٽي322
13. چڱائي ڪر ڇٽ سان تہ ڇٽ ڦيري هٽي پٽ سان.
14. چڱو ڪر تہ چڱو ٿيئي سودو ڪر تہ نفعو ٿيئي.
15. چڱو جن لکيو مدو سي نہ پسن، توڙي رڻ رهن تہ بہ ڪنڊون ڪائين ڪير سان.
16. چلھ تي، سو دل تي.
17. چنڊ کي پهرين ڍهي (تند يا ڪچو ڌاڳو)، پوءِ سڄي پاڳ.
18. چنون بہ چوي تہ مون کي ڪير سان ڪائو.
19. چورن جا پائر: ڳنڍيڇوڙ.
20. چورن مٿان مورَ پيا اڌ ورهائي ڪٽي ويا.
21. چور جي ماءُ چلھ پنيان روئي.
22. چوري نہ موري (سائي تي)، موري تہ بہ گھوري.
23. چوڻ ۽ ڪرڻ ۾، وڏو ڦير آهي.
24. چوٽو (حياتي)، نہ اوٽو.

## ڇ

1. ڇتي ڪتي جي دوا: ڀتر.
2. ڇٽي لولي ڪتڻ ڪان.
3. ڇڏ منڊو واريءَ ۾.
4. ڇوڪر ڇتي ذات، ڀون ڀون ڪن ڀڳت ۾.

## ح

1. حجتي، لعنتي.
2. حلوي حلوي چوندي بہ ڪڍهين وات منو ٿيندو آهي.
3. حمائتڻ گڏھ، عراقڻ (عربي گھوڙي) کي لتون هٽي.
4. حيلي رزق، بهاني موت.

## خ

1. خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿئي.
2. خريدار ککڙن جو ڀڇي هنداٽا.
3. خون ڪٿوري، ڳجھو نہ رهي.

## د

1. دال روٽيءَ ڪاڏي ڏن ڪتي تہ ڪتڻ ڏينس.
2. دائي ڪان ڪو پيٽ ڳُجھو آهي.
3. درياھ ير تي ڇوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سيان ٻڏي.
4. دل ڪوڙي، عذر گھڻا.
5. دل جي ڪارائي ڪان منهن جي ڪارائي چڱي.
6. دم دال جو، آڪڙ پُلاءَ جي.
7. دم درميان، صاحب مهربان.

8. دولتمندن جا ڏاند بہ ڏِين.
9. دولت نهن ڪان ماس وڇوڙي.
10. دو دل راضي تو ڪيا ڪريگا قاضي.
11. دويتا نهين جي پورا تول.
12. دير پيا، درست ٿيا.
13. ديس چوري، پرديس ٻڪيا (پن).
14. ديوان جو دم، دمڙيءَ جي دال تي.

## ڏ

1. ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند جي، تہ بہ اصُلُ انهي پار جو ڏينا ڏيڪاري.
2. ڏڙ ريڊيو، سسي ٻاڪري.
3. ڏُڪو ڪٽجي ياءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.
4. ڏن رک ڏوڙ ۾ تہ چمڪات ڏئي نور ۾.
5. ڏٽي ري ڏڻ سجو، ڏڻ ري سجو ڏٽار.

## ڏ

1. ڏاڍِن جون جهنگ مون واٽون.
2. ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ مٿا.
3. ڏاند چڙهئي ٿي ڏک ڏسي.
4. ڏاندن ڳاهِ مردان ڏڪا، زالان ساھ پنڌ وچ سڪا، گھوڙا ضبط ڪنان وچ لڪا.
5. ڏاهو ڪانوءِ ٻہ- ڄنگهو ڦاسي.
6. ڏاهو ڪانوءُ ڪَائي گونهہ، پوري بلبل ڪائي شڪر.
7. ڏائڻ هلي مڙدا ڪيڻ، مڙدن ڪپڙا بہ لاهي ورتس.
8. ڏبري ڍور ڪي، مڇر گهٽا.
9. ڏبري جو ڏٽي، سويرو پلاٽي.
10. ڏت نہ ڪُتو، ڏوتي ڪتا.
11. ڏنو پير، پُني مراد.
12. ڏنو سپ وسار، اڻ ڏني ڪي ياد ڪر.
13. ڏُچر گهوڙو، سچر زال ٻئي ٻن پيا.
14. ڏڏو ڪير، ٽٽين نہ پوي.
15. ڏڏن جو بہ ڏاتار.
16. ڏسُ ڪاٽي ڪان، اڪ ڪاٽي چڳي.
17. ڏَڪ ڪان سواءِ سک نہ تو ملي.
18. ڏڪڻ مينهن نہ وسٽا، جي وسي تہ ٻوڙي، ڪانئر ڏڪ نہ هٽٽا، جي هٽي تہ جهوري.
19. ڏمرجي ڏيهہ ڏٽي، چاڄا (منهہ يا گهر) چڏائي.
20. ڏنون، ٻنون آهي.
21. ڏني جو پٽ چٽو.
22. ڏيڻ سپ چڱو، ٻچڙي هڪڙي گار، ونڻ سپ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل.
23. ڏيڻ، ڏيهہ چڏڻ ڏيهي چڏڻ (بت يا جسم) ٽيئي اهنجا.
24. ڏئي جي پٺ ۾ اوندھ.

## ڊ

1. ڊچ تنهين جي ڊاءِ، جنهنجي وائيءَ (زبان) ۾ ور گهڻا.
2. ڊججي تنهن جي ڊاءِ، جو پرينءَ پر بيهي گاريون ڏئي.
3. ڊججي تنهن جي ڊاءِ، جو ڪـ تي چڙهي گاريون ڏئي.
4. ڊججي تنهن پيئي، جو منهن تي ڪوڙ ڳالهائي.
5. ڊني واڻئي، مور نہ لاڀ.

## ڍ

1. ڍائو ڪنهي پيٽ تيسي ٻڪئي وجي ساهہ.

## ر

1. رات توري، ساٿ گهڻا.
2. راتيان ڪائي ڪچڻي، ڏينهان ڪائي پلاءُ، جاڻي هيڪ الله، صابو ڪوري سيد ٿيو.
3. راجا ڪري سو نياءُ، ڍارو پوي سو ڊاءُ.
4. راڪي رام تہ ماري ڪون.
5. راڻي سا، جا راءِ کي وڻي.
6. راؤري (راجا جي) گهران گهر جهلجي پاند ۾.
7. رت ڏسي، رُمي هٽجي.
8. رڏي ڪني بہ يا نصيب.
9. رڍ اڳيان رباب، وڃائيندي ورهہ ٿيا.
10. رڍ متي ۾ سور سان، ڏنائون صدقو.
11. رڙا ڪين رجهن توڙي ٻارڻ هئن بہ پڙا.
12. رڪ جا چٽا آندا ڦاڙين.
13. رن پٽ کي لڳي ياڳ، تہ ڏئي جواري پت کي داڳ/ داغ.
14. رن پٽ ريڍار، ڪان هٽي بند ۾.
15. رن چشڪي هري، رکي آرت وار.
16. رنان مڪر زنان تتر تار ڪن رڏيون پڪيون ڪونجڙيون اُڏائي ڏين.
17. رڻي (قرض) ۽ رائر (ڊِل) جو سڏ جنهين کي هوءِ منجي اُتي جوءِ وجي تنهين کي وسري.
18. روپ (شڪل) روئي ڪرم (نصيب) ڪائي.
19. روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا.
20. رهي راهوجين (راهوجا ڳوٺ جو نالو) ٻهي ٻاهوجين (ٻاهوجا ڳوٺ جو نالو) ، ڪتي ڪنئريجن (قوم جو نالو) جي.

## ز

2. زالان ڏاوڻ (وهنجڻ)، مردان ڪاوڻ.
3. زر بسيار، تہ عشق نہ پهہ.
4. زر خرچ تہ امير ٿئين، امير ٿئين تہ زر بسيار.

## س

1. ساريءَ هٿڻ پتر.
2. ساسرا (ساهرا) سک واسرا دو دن ڪا آسرا.
3. سائي ڪي سهي ڪو نہ، بکئي ڪي ڏئي ڪو نہ.
4. سبر (طاقت وارو) سان سيئن (حد يا دنگ) ڪبي ڪيئن چوندو جيئن ٿيندو تيئن.
5. سيڪا ٻڪري، پنهنجي پائي تنگبي.
6. سيڪو، پنهنجي هٽيءَ جو هوڪو ڏيندو.
7. ست ڪُؤا ڪائي ٻلي، حج چڙهي.
8. سُتن جون پاڏا ڄڻين.
9. سَتيا جا ٻيڙا سائين سُتڙ.
10. ستي ٻلي، ڪوئا ڪين ماري.
11. ستي شينهن ڪي، آڱر نہ ڏجي.
12. ستي لڪڙن ڪان موتي تہ ڪتن هاب ٿئي.
13. ستي سڏائي لنڊي ٿي ڪائي.
14. ستين لنگهڻين، ڪتو بہ حلال آهَ.
15. ٿٽ نہ موڙهو ڪپاهہ موڙهي.
16. سپ نہ ماري سپ جو سراپ (اصل بددعا کي چئجي پر هت معنيٰ آهي پرم/ سنسو) ماري.
17. سپتيو ماڻهو پرائي مال ۾ پائيوار.
18. سپهو نہ وسهو، وسهو تہ مسهو.
19. سچ، بہ پاچا.
20. سچ لٿي ڪان پوءِ، دير ڪانهين، ڦُرئي ڪان پوءِ، پوءِ ڪونهين.
21. سڄن پيتان وڊيا، وڏين پيتان سڄا.
22. سڄڻ سڄي ٻانهن ڏئي تہ سڄي نہ گيهجي.
23. سُڄا عاشق، پيتو دي آچار.
24. سچ سير، ڪاري ٻڪري اڇو کير.
25. سچ مرچان ڪوڙ گُڙ، پير پئسا جوءِ گرُ.
26. سچ تہ بينو نچ.
27. سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي، پر ڪڏهين نہ ٻڏي.
28. سخيءَ ڪان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب.
29. سر وڃي ڪان پوءِ سچ ايري تہ چا نہ ايري تہ چا.
30. سر (راز يا ڳجهہ) ڏجي پر سر نہ ڏجي.
31. سِر سِر ڪلا.
32. سرمو سيڪو پائي، پر اک اک جو قير.
33. سڙئي گهوڙي ۽ پٽيل ماڻهو مان ڪين ٿئي.
34. سڪن گڏ آلا بہ ٻريو وڃن.
35. سڪ تور (سوڪ) ڪان ٻڌ تور (ٻوڏ، پاٽي جو غلبو) چگو.
36. سڪو ڪاٺ بہ پاسا پچي.
37. سڪٽي ڪني، گهٽو اپامي.
38. سڳا سيئي سيڻ جني پڪا اوڏڙا.
39. سلو سو جو انگورين پلو.
40. سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي.
41. سو چور ئي نہ چئجي جو پنهنجو جوٽيت نہ سجاڻي.
42. سوٽي هئي ساڻ تہ گڏهہ گوهي نہ ڪري
43. سوڊن مڙن سو، تہ بہ مٽ نہ پاڻئجي مئندري.
44. سور پوي ساٿيءَ ڪي ڏنيجي گڏهہ.
45. سورائٽڻ سور اڻ-سورائٽ سان اوريو، هنجو پنجهر نہ پريو هوءَ وڃي ٿي وهلور، پرايائين پور اڳي ڪان

بي اڳرو.

46. سوڙهيءَ سياندري وهنوار نہ ڪجي.
47. سومر گهٽو ئي سڦرو پر پنيان اڱارو بچڙو.
48. سون پرکجي ڪسوٽيءَ ريو پرکجي باه ماڻهو تڏهين پرکجي جڏهين ڪي ڳالهاءِ.
49. سوناري جو سؤ ڏکن، لهار جو هڪڙو.
50. سهسين ڪري سينگار، تہ بہ ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو.
51. سهٽان تہ توه بہ پٽن ۾ پيا آهن.
52. سهي تنگون تي چوٽين نهيئي نہ.
53. سي اِدائي سي ساڍا بہ.
54. سياري سيءُ پوي آرڙهہ ۾ آرائيون، سند ڪنهين ۾ ڪو نہ ڪو ڪنهنڪي ساراهيون.
55. سياري جي سوڙ، سيڪو پاڻ ڏي سيري.
56. سياري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي باه، اونهاري ۾ سيئي چڱا جن گهٽي چاه.
57. سياٽي اڳيان رئڻ، اکين جو زيان.
58. سيرو ڪاڏو، پاتل قاتي.
59. سيءَ ۾ گڏهہ جا آتر بہ پيارا.

## ش

1. شادي ڪان وڏي نيڪيتي.
2. شڪر ڪر صحيح تہ توئي سان توه ٿئي.
3. شينهن اڳيان لڪڙي اچلڻ سولي، پر وري ڪٽڻ اولي.
4. شينهن نہ ڏيکيا تہ ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا تہ ڏيک سونارا.
5. شينهن وڙهندي، ٻوڙن جوُکو.

## ص

1. صبر جني جو سيگ، تير نہ گسي تن جو.
2. صرفو ڪرين، تہ پَٽُ هنداءِ.
3. صلاحين شينهن ٻجهن، ڪم ڪرهين (جهيڙن سان) نہ ٿئي.

## ض

1. ضرور ڪي سب روا آهي.

## ط

1. طمع سندو طس، پريو پرجي ڪينڪي.

## ظ

1. ظلم قائم آهي پر ڪنڌڙ قائم نہ آهي.

## ع

1. عشق نہ ڏسي ذات، نہ ڏسي ڪذات.
2. عقل ريءَ عذاب، گھٽان پسندينءَ جنڊڙي.
3. عقل، اھيرن جو ڏريون ئي ويو، مگائن ھڪڙو پرٽائن ٻيو.
4. عقل ۽ سونھن ڪنھن کي نہ سڪايو آھي.
5. علت وڃي عادت نہ وڃي.
6. عيسيٰ نہ موسيٰ بڙا پير پئسا.

## غ

1. غريب جي جوءِ، ڏيھ جي ڀاڄائي.
2. غيب گدو چوي خبر خاوند کي.

## ق

1. قاضي جاڻي، سنديس قيامت جاڻي.
2. قرض جھڙو ٻيو مرض ڪونھين.
3. قرض، ڪوڙھ جو ٽڪو آھي.
4. قوت توري آڪڙ بھت، مار ڪاوڻ دي نشاني.

## ڪ

1. ڪاتي ڪڇ، ڪاتي ڪوھيارو.
2. ڪاٺ ڪتو، واڍو چتو.
3. ڪانيءَ لڇ (لڇمي/ بخت).
4. ڪا جا ڪيتيس ڪن وچ ڳالھ، ھر ڪو وتي آڪڙ نال.
5. ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار.
6. ڪارو ويھي ڪمري وٽ تہ ورن نہ مٽائي تہ عادت مٽائي ئي مٽائي.
7. ڪالھوڻي ڪالھ گئي، اڄ پڻ ڏينھن ٻيو، جنھن ۾ ماڻ پيو سا، راھ رھندي ڪيترو.
8. ڪانياري ٻلي ڪئي جي جوءِ.
9. ڪاٽيءَ جي ڪرم ۾ وکھن ئي وڏا.
10. ڪاٽي وسوڙي، چئي تہ مڙسم ويو آھي اڪ کي.
11. ڪاٽيءَ جي وھانوَ ۾ سنگت گھٽا.
12. ڪَتِم سڀ جمار تہ پاندي پوري نہ ٿئي.
13. ڪتو بہ ان کي ڏاڙھي، موچڙا بہ ان کي لڳن.
14. ڪتو چا جاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان.
15. ڪُتو بہ ڪاڏو، ڪک بہ نہ پري.
16. ڪتو، ڪڙم جو ويري.
17. ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٽوڙھي سان ٽپائجي، ساڏو ۽ سپاٽ، ويھارجي وچ ۾.
18. ڪتي ڪن وڍيا.
19. ڪتي ڪن وڍيا ٽيو شڪاري.
20. ڪتي جا ڏند، گڏھ جو ماس.
21. ڪتيءَ کي ڪنھن اُماڙي ڏني ھئي سا تارا ڏسي ٿي ڏني.
22. ڪتي جو پڇ، ٻارھ مھينا نڙ ۾ وجھجي تہ بہ سنئون نہ ٿئي.
23. ڪتي جو ڪارو منھن رب اوتري جي اوتري.

.24 ڪٿي چور سُجا، ڪٿي ڍور سُجا.
.25 ڪجريءَ جو يار، ٻحريءَ جو شڪار، سدا خوار.
.26 ڪچيءَ ڪنان نہ وريا تہ پڪيءَ چا ورندا.
.27 ڪچي وزيران ٿئي ٺڙڪو نڪران.
.28 ڪچان تہ مسان، نہ ڪچان تہ پيئي لچان.
.29 ڪڏهين پريءَ ۾ تہ ڪڏهين پاڪر ۾.
.30 ڪڏهين ماتي مَٿَ تي، ڪڏهين ماتيءَ مٿان مَٿُ.
.31 ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙهہ مقام ۾، واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
.32 ڪدي ڪاڍارا ڏئي اڏارا.
.33 ڪرند پسند، ڏيند لهند.
.34 ڪڏهن درياھ ٽيبو وجي، ڪڏهن پاٽيءَ پاٽ ۾ ٻڏيو پوي. ورجيس452
.35 ڪرم-هيڻ ڪيتي ڪري، ٻلد مري يا ٽوٽا پڙي.
.36 ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪند ڪائي.
.37 ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا ٽڪر ڪائي.
.38 ڪشيئي نہ ڪمان، پڙيئي نہ ضمان، ٽپيئي نہ ڪوهہ، رهيئي نہ جوئا.
.39 ڪک جو چور، سو لک جو چور.
.40 ڪک هيٺ لک پيو آهي.
.41 ڪڪان ڪوڙي ٻاهہ، غلامان دوستي، يار نہ ڪجي ڏوم پيادا پوستي.
.42 ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو.
.43 ڪم نہ هئي تہ رائيسا گهر گهمجن.
.44 ڪم پئي، ڪل پوي.
.45 ڪم پرين سيڪو آهہ، چم پرين ڪو نہ آهي.
.46 ڪميٽو ڪپڙا ڪري ڏسي پنهنجو ڏيل، ڏسي پنهنجي ڏيل ڪي ڊوڙائي دليل.
.47 ڪماليت سان زواليت شامل آهي.
.48 ڪنير جي گهر ۾ سجي ڊِڪٽي نہ ليي.
.49 ڪندو لڳو گوڏي ۾ نڙگهٽ ڪيو نڪاءُ.
.50 ڪنڌيون ڏور قنڌارئون ڏور.
.51 ڪنگ ڪي لڙ ۾ مزو.
.52 ڪانگ ڪي لڙ ۾ گڙ.
.53 ڪنگر ۾ ڪپڙا پڙي مبارڪ.
.54 ڪني ماضي من ۾، ڪني استقبال، حيف تن جي حال، جن وساريو حال کي.
.55 ڪنيءَ رن جا، پار جئن تورا تئن چگا.
.56 ڪني آگر وڍي چگي.
.57 ڪنهن جي ماني ڪري نہ مور، ڪنهنجو ٽڪر تو ٽيٽا ڪري.
.58 ڪنهن ڦٽ سان ملڪ ڇڏيو ڪنهن نڪ وڍئي ہ نہ ڇڏيو.
.59 ڪٽڪ ڪدي ٻهہ ڪي ڏجي ٻاهہ.
.60 ڪوڏي حرام، ٻجڪو حلال.
.61 ڪوري ڪڏ ڪٽي اُن ۾ پاڻ پوي.
.62 ڪوري پلوين نہ پائجي.
.63 ڪوڙ، جمار جي ڪتر آهي.
.64 ڪوڙ جو مثلو، ڪوڙ.
.65 ڪوڙهيو ڪتو ڪنهڻ ڏاران نہ رهي.
.66 ڪوڙي جي ڊوڙ، ڪُڌَ تائين.
.67 ڪوڙي سجڻ ڪان سچو ويري چڱو.
.68 ڪؤڙو ڪائجي مني جي لالچ تي.
.69 ڪوسا ناوي ٿڌا ڪاوي تہ ويج پاس مور نہ جاوي.

.70 ڪوسو پاڻي ڪک نہ ساڙي.
.71 ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتا شا پيوي.
.72 ڪهڙيءِ سيڪو ڪهي پر ڪرو ڪو رهڙيءِ رهي.
.73 ڪهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي.
.74 ڪي رني هئي، ڪي آيس پيڪو ماڻهو.
.75 ڪي ڪوڏر ڪمايو ڪي ڪهاڙي وليو تہ گهر سهيرو (سڪيو) هليو.
.76 ڪيليءَ ڪي ڪڻ، هاٿيءَ ڪي مڻ.

## ک

.1 کاڌي کوھ کٽيو وڃن.
.2 کاڌي کي کامن، چاڙيون چامونن جون.
.3 کاٽي کچڙي، اونڌا طباق.
.4 کائجي دل پسند هنڊائجي لوک پسند.
.5 کٽو سلامت تہ پريون جهجهيون.
.6 کُٽي ڏاڙهي، هٿ نہ اچي.
.7 کُٽو واٽيو، وهيون سنيالي.
.8 کٽيو کائي مڙس جو، چئي جِئي ابو. يا کائي پيئي پي جو چي جِئي ابو.
.9 کٽيو تو تان گهوريو، وڃائج م مور.
.10 کٽيو کائي فقير، لنيون جهلي پولڙو.
.11 کٽي مور نہ آيو، چي رڻ ۾ قريس.
.12 کٽي آيو خان، اُکهاڙياس کُئي.
.13 کچڻي کانهي جا کائي ونبي.
.14 کدڙن پٽ چٽيا تہ هوند زالن مڙس ئي کين کيا.
.15 کڏ چي جيءُ سڌ.
.16 کَرُ ماڻهو، وڻ ٻاٻرو، ٻنهي ڏينهن کٽن.
.17 کڻ کلو، ٽيئي پلو.
.18 کوهي کمڻ جي نالو نارائڻ جو.
.19 کيتي، سر سيتي.
.20 کير جو کاٹل، جهڻ ڦوکي پئي.
.21 کير ۽ کنڊ نور ۾ نور، جواني ۽ مايا پور ۾ پور، پنڌ ۽ بار سور ۾ سور.

## گ

.1 گابي وانگي چٽ تہ چٽيانءِ.
.2 گدرو کري کاتيءَ تي تہ بہ گدري جوکو، جي کاتي کري گدري تي تہ بہ گدري جوکو.
.3 گدري جي چور کي بہ لپاتون.
.4 گدڙ جي گونھ ۾ کم پئي تہ وڃي ڏر ۾ لکي.
.5 گدڙ ڊاک نہ پڄي آکي ٿُو کٽا.
.6 گدڙ ڊاک نہ پڄي آکي ٿُو کوڙي، ناچو نچ نہ ڄاڻي آکي پون سوڙهي.
.7 گدڙ گدڙ جي کوک تي نہ اونائي تہ کوڙهيو ٿئي.
.8 گڏهہ پنهنجي سانوٽي هينگن ۾ وڃائي.
.9 گڏهہ کي کڏهين گابو ڄائو آهي.
.10 گڏهہ کي تو گج پارائي.

11. گڏھ چا ڄاڻي، گيھرن مان.
12. گڏھ ٻہ ڪڏھن گج پاتو؟
13. گڏھ جو چا وس، جو ٻيڙي ۾ نہ چڙھي.
14. گڏھ مان لت يا ٽوٽي (اِٽ).
15. گڏي اڏجي، يا لڏي چڏجي.
16. گذري ڪون ياد نہ ڪرنا، جا گذري سا چؤڪي.
17. گذر گئي گذران، ڪيا جھوپڙي ڪيا مڪان.
18. گرمي چڏي جھڻ ڪنگر سان، سردي چڏي زر ڪنگر سان.
19. گگر گگر پنڊا اڙيا.
20. گنجو ڪنھڻ ڪان نہ رھي.
21. گنجي جي مٿي ۾، جونءَ نہ ليک.
22. گولاڙو ڳيان پچي.
23. گونھ گونھ سان نہ ڏوپي نيٺ پاٽيءَ سان ڏوپي.
24. گِھ پوندي بہ ڪو مٿو سڙي.
25. گَھپي نڪرن مان پاٽي سڪائي.
26. گَھَگير گھوڙو پيٽر ماٺھو، مھل ۾ ڪم نہ اچن.

## ڳ

1. ڳالھين سنديون ڳالھيون، ٺڪي سندا موٽ.
2. ڳڙ ڄاڻي ڳڙ جي ڳوٿري ڄاڻي.
3. ڳڙ سان مري تنھن کي زھر چو ڏجي.
4. ڳوٺ سئين سا وھانو سئين.

## گھ

1. گھٽو ڏاريم اُن کي ھٿان چري ڪپاھ.
2. گھر جو پير، چلھ جو مارنگ.
3. گھر ۾ ڪَڏ ھجي تہ ٻاھر ٻُھر چو اُچلجي.
4. گھر ۾ غرقي بہ نہ نھي ٻاھر دم ھٽي نوڙھي جو.
5. گھر ۾ بہ گھر ڪائٹو، ٻاھر بہ گھر ڪائٹو.
6. گھڻ پيٺاري (حصن واري) بگري (پوک)، ڪائي ويئي جھار.
7. گھٽن کي سمر ھڪڙي کي پري.
8. گھٽن ڪنئين، چپر ڪجي پوي.
9. گھٽين زالين گھر نہ ھلي، گھٽي مڙسين ھر نہ ھلي.
10. گھٽي ڪاڏي ڪان گھٽو ڏنو چگو.
11. گھٽيءَ ڪٿيءَ ڪان مور ياد ئي نہ.
12. گھوٽ ماءُ ڪان اھنئر ماءُ تڪڙي.
13. گھوٽ ڪنؤار راضي تہ ڪوھ ڪندو قاضي.
14. گھوڙا ۽ پٺ، ملا ۽ پيٽ، ھو ڪشيا تان رسيا ھو نيان تان چٽ.

## ل

1. لاڙ جو ماڻهو، اتر جو ڍڳو.
2. ليي لوٽڪ به نہ، سڏون ڪري مريڙي کي.
3. لتر کي چڪر پچي.
4. لڄا تان، لک به قربان.
5. لڄان چوران پت نہ ڪائي توڙي هوون سڳي پائي.
6. لڇمي وڃي، تڏهين لڇڻ به وڃن.
7. لڏ به ڏي لڏاڻي به ڏي.
8. لڙهندو ڳدرو پترن نميا رت.
9. لک ڪتيا ڏومڻي (لنگهياڻي) جو ڏوم (لنگهو) سلامت آيو.
10. لکُ مري، شال لکپال نہ مري.
11. لکي لکانو واچي الانو.
12. لکئي مان لکَ (ذرو) نکو لاهي نکو پائي.
13. لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.
14. لڳيون لُهارن کي، ڇڏن ۾ ڇٽڳون.
15. لنگهن پنهنجو وهانءُ.
16. لنگهو چڙي مڱن کان اُهيئي مڱ.
17. لنگهي لاتي لوئي تہ ڪيا ڪريگا ڪوئي.
18. لوڀ، سيني پاپن جي پاڙ آهِ.
19. لوڀ جڏهن سون منين سان ورهاءِ.
20. لوپيءَ سنڌي راڄ ۾، نوڳي مري نہ بک.
21. لوچ نہ لهين لال کي ڏور تہ پويئي ڏس.
22. لولو چوي اسين حج وڃون، ڪانگ چوي اسين موئا آهيون ڇا.
23. لوڻ وڃهي پت پائيوار ٿيو.
24. لهي لوهہ بہ نہ جي منهنجو نانءُ سون بائي.

## م

1. مارائي اڃي، ماري نہ اڃي.
2. ماڇي تہ ناڇي.
3. مادي ڪڪڙ بہ ڪڏهين بانگ ڏني.
4. مارجي تہ مير نہ تہ چاڪر ڇا چڪائجن.
5. مارڻ واري کان رکڻ وارو اوڏو آهي.
6. مارئي کان پڏايو چڱو آهي.
7. ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير.
8. مالڪ وڃن ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وڃن غوطا ڪائيندا.
9. ماڻهو ٻٽيهہ- لڇڻو، موچڙو ڇٽيهہ- لڇڻو.
10. ماڻهو سڀ چڱا پر ڪي ڪِن سان، ڪي ڪن سان.
11. ماڻهو سڀ نہ سهڻا پڪي سڀ نہ هنجهہ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.
12. ماءُ جڻيندي پٽڙي، پاڳ نہ ڏيندي ونڊ.
13. ماءُ مري رکي سڪي ڏيءُ دا نالا ڍهي.
14. ماءُ جي ليکي پٽ ڪنڊ ويو آهي پر بندرابن ۾ تنگيو پيو آهي.
15. مڃ چوپئي بہ ڪو پيٽ پرجي.
16. محبتي مڙن تہ ٽن لوڪن ۾ لکَ پوي.

17. مڌ (شراب) پيوڻ، ذات پرڪائڻ.
18. مرد جي ڪٽي، زال جي ڪيوٽي (سهيڙ/ سنيال).
19. مرد مري ماڻَ ڪي، گانڊو مري نان ڪي.
20. مردو نرڳ وڃي توڙي سرڳ وڃي.
21. مرسان مرسان تہ بہ ڏيپ نہ چرسان.
22. مرض اچي گهوڙي وانگيان، وڃي جوڻ وانگيان.
23. مروان موت، ملوڪان شڪار.
24. مري نہ ميهار تہ وڳ ولهو ئي نہ ٿئي.
25. مڙس جو پاهوڙين سان ميڙي آڻ، زال جو سئي سان ڪوٽي ڪيڻ.
26. مر سين سڄاڻا ٻئي ٽنگون ڪاٺ ۾ ڪه سين اڄاڻا هنيون هندوري لوڏيو.
27. مُڙيا سي جُڙيا.
28. مغلن آئي فارسي وسري ويندي آهي.
29. مگن ڏاندڙي ڪارڙي ٿاندي، مگ پچي ڪارڙو نچي، مگ لئو ڪارڙو مئو.
30. مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾.
31. مِلڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي.
32. مُلو مئو، مهابو لٿو.
33. ملو چور، ٻانگو گواهہ.
34. منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي.
35. منهن ڪنئرائِي، ڳتا پٽائي.
36. موئا پر، پٽجن هيلهہ.
37. موئا آهن، جيئرن جي وس.
38. موئا بہ ڪڏهين مسڻ مان موٽيا آهن.
39. موتيو اُتي مار، جا تي پاٽي هئي تار.
40. مور چڱو پر سندس پير ونگا.
41. موڳو پنهنجي مائيءَ مان پيٽ پري ڪائي، وڃي وهِي مجلس ۾ تہ سيني سهائي، چريو ڳالهائي تہ بہ بختاور بودلو.
42. مئي ڪي مارڻ، سورهَ جي گلا.
43. ميان مري تہ بہ حلوو ڪاٽو، بي بي مري تہ بہ حلوو ڪاٽو.
44. ميان جي مڏي، بہ ڏنڊ ٽين تڏي.
45. مينهن مچي تہ هوريان هلي، رڍ مچي تہ دڙيون ٽپي.
46. ميون گور (قبر) لائق بي بي سيج لائق.
47. مينهن ڏارڻ سولي آهہ پر ڪرو ڪو نينهن (سنيال/ آگو پيچو) ڏاري.
48. ميوو، سيڪو مندائتو منو.
49. ميهر مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت.

## ن

1. نہ اوڌو ڪا لينا، نہ ماڌو ڪا دينا.
2. نہ ڏجي تہ ڏکوئجي بہ نہ.
3. نہ ڪنهن ڪي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن ڪي سونهن سڪايو آهي.
4. نہ سٽ نہ ڪپاهہ، ڪورين ۾ لنيون ڏڪا.
5. نہ ڪَتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.
6. نہ ڪنهن جي ڪتي ڪي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پَٽُ پرائجي (قاڙائجي).
7. نانگ ڪي کير پيارئو تہ بہ هن جو وهُ ڪين گهٽندو.
8. نانگ ريجهائڻ سولو پر ڪرو ڪو گوهہ ريجهائي.

9. نانگلي (قسم ان جو) نہ پرڻي ڪم اچي نہ مرڻي ڪم اچي.
10. ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.
11. ناڻان گهوريا سرن تان، سر گهوريا شرمن تان.
12. ناڻو ڏجي آڪرو تہ گهر چو ونجي ياڪرو.
13. ناڻو سو جو ڳنڍ، پاڻي سا جا ڪنٺ.
14. ناڻو جهڙي تاو سان ڳهڙجي تهڙي تاو سان نڪري.
15. ناڻو، نَرَ چِٽو ڪري.
16. ناءِ چڙهيو واپاري ڪٿي ڪائي، ناءِ چڙهيو چور قاهي چڙهي.
17. ناءُ بڙا ديھ بيران/ ويران.
18. نچڻ پيني تہ گهونگهٽ ڪيها.
19. نڌڻڪا گهوڙا، گڏباٽا هسوار.
20. نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا پارڻ پوءِ پيا.
21. نڪي ڏبگرن مال ميڙيو، نڪي سرهيا بک موئا.
22. ننڍڙو ٻار مڇ جو وار، جيئن ورائجي تيئن وري.
23. ننيڙي نہ ڏيک، وڏي ڏوُل اتي.
24. نندي مري نہ مايڙي ٻيڊي مري نہ جوءِ، ڪنت چوڙيلي نا مري مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ.
25. نندي وات مان، وڏو ويڻ نہ ڪيجي.
26. نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪتا لاهي دونهيون ٻاريون.
27. نُهن سان ڇجي تہ ڪاتي چو وجهجي.
28. نئن بہ تکي ڳڙ بہ منو.
29. نئين سنياسڻ، چيلهہ ۾ جٽائون.
30. نئين ڪنوار، نو ڏينهن.
31. نيچ نوڪري، اُتم ڪيتي، وڏندو واپار.
32. نيڪي برباد، گناھ لازم.
33. نيم طبيب خطره جان، نيم ملا خطره ايمان.

## و

1. وات جي پلاوَ ڪي، گهر جو کهڙو صرفو.
2. واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٺون بہ نہ ڪاڇي.
3. وارا، جمارا آهن.
4. واڳڻ ڪن ڪي وائي، ڪن ڪي پيتي.
5. واٽيون پنج نہ سهي پنجاھ سهي.
6. واهڻ جو واٽيون تهڙو ڊوري جو پاڻي.
7. واءَ جبل اُڏائين تنهن جي اڳيان ڪپاھ ڇا آهي.
8. وڇ ڪڏي ڪيري آهر. يا وڇ ڪڏي توٽيءَ آهر.
9. وَڇ ڪير ڏئي تہ مينهن چو ڏارجي.
10. وڏي ٻاگهي، ڪي وڏي ڏيٿس.
11. وڙهن سپاهي، پڌائجن سردار.
12. وس ڪرڻ مون واڪا ٻڌڻ ڪم بروچ جو.
13. وسي تہ بہ ڏبري ڳسي، نہ وسي تہ بہ ڏبري ڳسي.
14. وقت پڙي بانڪا (ڏنگو/ خراب)، کهيئي ڳڏھ ڪو ڪاڪا.
15. ونڊ ڪائي، سک پائي.
16. وٽجن ٻير ڪائجن ڊاڪون، تن ڳهرن جون کهڙيون ساڪون.
17. وھ وٽجي سو وھ مان ڪائي.

18. وهندو پيير پوڙ به چڱو، بيٺل تارِ به نه چڱو.
19. وهي درياءَ پر تي وير وجهي واڳهوءَ سان.
20. وِير وير واڌائي به ورچائي.
21. ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ هزار به ٿورا.
22. ويهي ويهي مڙس ڪري، سا وهي چو وجائي.
23. ويئي سڱن کي ڪن به وڃائي آئي.
24. ويئي تٽ ٻانيڻ به نه واڇي.

## ھ

1. هاٿي جا ڏند کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ وارا ٻيا.
2. هار ماني ته جهڳڙا ٽوٽا.
3. هارياري جي هير تنگ ٻگي به نه رهي.
4. هارئي ڪان، پيتو پلو آهي.
5. هاسي (کل/ مسخري)، ڪره جي ماسي.
6. هاٽوڪا جوان ڪاتيءَ جا مياڻ، ڏکو ڏجي ٻئي کي ته ڪري پون پاڻ.
7. هٿ جنين جو هنئڻ پهرين پٽڻ سي لنگهن.
8. هٿ ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪپ ڪهڙو.
9. هٿن سان هاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪٽي.
10. هٿ (ٻت) سهائيندو ڪائجي لوڪ سهائيندو پهرجي.
11. هجيئي ناٽو ته گهر لاڙڪاڻو، نه ته وت ويگاڻو.
12. هر ٻول وچ ۾ قولهه.
13. هر هالا منهن ڪالا.
14. هر هر هورائي (هلڪائي) وڃڻ در دوسن جي.
15. هرٽي اڳيئي نچٽي، ويتر پئس گهنڊٽي.
16. هڙ ٻي گاسو (هرج/ نقصان)، لوڪ ٻي تماشو.
17. هڙ سڪٽي، لوڌ گهٽي.
18. هڙ ۾ تماڪ ته جهنگ مڙيوئي دائرو.
19. هڙ ۾ هريڙون، گوڏ ۾ پتاشا.
20. هسٽو جوڳي پڏٽي نار گد کهي اهي ٻئي مار.
21. هڪ سچ به پاچا.
22. هڪ تنگي جي ملڪ ۾ وڃجي ته ٻي تنگ ڪري لڪائجي.
23. هڪڙو هٿ ڪير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.
24. هڪڙو چوي ٻيو مڃي، تنهنجو پورهيو ڏٽي نه پڃي.
25. هڪڙي مار، ٻي جهينگار.
26. هگ سهانگي ته به ڪا ٻات ۾ گهوربي.
27. همتِ مردان، مدد خدا.
28. هنجهه نه ميرو وت جاسين جيئين ڏينهڙا، جيءُ نه جنجل گهت سرُ تان سَرَ (تلاوَ) ڪيترا.
29. هنجهن سان حرص ڪري اڏاٽي چڙي، چٽو هوس چهنب ۾، سو به پيس ڪري.
30. هنڌ ڏسي، هاسي ڪجي.
31. هندي اُپامندي ته پنهنجا ڪَنان ڪائيندي.
32. هنر واري جو هنر، ٻي هنر جي جِند.
33. هڻ ڏيءُ ڪي، سکي ننهن.
34. هٽن ڪين حمير ڪائڻ پات پلاءِ جي.
35. هو ساڻ ئي نه نين، هيءَ ڏاند چڙهندي.

.36 هو سوڙ پاند ۾ نہ ڏين، هيءَ وچ سمهندي.
.37 هيانو تتي ڪان ڪڙي تتي چڱي.
.38 هيري جي پرک مان چا ڄاڻي شيشگر.
.39 هيٺي ڪي نہ هٽي سو هٿن ۾ لهي.

## ي

.1 يا تہ دريا تري وڃي يا تہ اڌ تي بيهي رهي.
.2 يار اهو جو اوکيءَ ۾ ڪم اچي.
.3 يار بي تيلي (تيل وڪٽندڙ يا چاڪي)، سينڌ بي ميلي.
.4 يار جن کي ياد سي ياد هميشه يار کي.

## پورو ٿيو

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن ۽ ٻئي مواد لاءِ ڏسندا رهو

www.abbaskorejo.com